

مون وٽ آهي سِلائي مشين
ڪپڙا سهڻا سِبندي آهيان
ڪم ڪندي مان ٿڪبي ناهيان
محنت واري سڌبي آهيان
ڀلا ٻُڌايو آهيان ڪير؟
هائو! مان درزياڻي آهيان.




ڏِسو هي منهنجو آهہ دڪان
وِڪريل سارو آ سامان
زخمي گاڏيون ٺاهيان مان
ڀلو ڪاريگر آهيان مان
ڀلا ٻُڌايو آهيان ڪير؟
هائو! مان مستري آهيان.



ٻنيءَ تي مان ويندي آهيان
گهر ڀاتين جو هٿ ونڊايان
ڳاهه ڪرايان ڦٽيون چونڊيان
پورهئي ۾ ساٿياڻي آهيان
ڀلا ٻُڌايو آهيان ڪير؟
هائو! مان هارياڻي آهيان.



سهڻن رنگن واريون رليون
پياريون جهالر واريون سڀيون
گج ٻٽايان، ڀرت ڀريان ٿي
گهر ۾ ويهي ڪِرت ڪريان ٿي
ڀلا ٻُڌايو آهيان ڪير؟
هائو! مان سُگهڙ سياڻي آهيان.



شيون ڪاٺَ منجهان ٺــو ٺاهيـان
در، دريــون ۽ مَيــزون ٺاهيــان
منهنجي ڪــم ۾ گــوڙ گهڻــو آ
ها پــر ان ۾ غــور گهڻــو آ
پـلا ٻُڌايــو آهيــان ڪيــر؟
هائــو! مــان واڍو آهيــان.



گُلن ڦُلن سان پيار ڪيان ٿي
وڻ، ٻوٽن جي سار لهان ٿي
تن کي پاڻي ڏيندي آهيان
باغ ۾ خوش مان ٿيندي آهيان
ڀلا ٻُڌايو آهيان ڪير؟
هائو! مان مالهڻ آهيان.



سامهون هڪ آئينو آهي
جنهن جي آڏو ويهندي مان
ماٺهن جا ٿو وار سنواريان
تن کي سهڻو ٺاهيان مان
پلا ٻُڌايو آهيان ڪير؟
هائو! مان حجم آهيان.

# بِگ بُڪس

## BIG BOOKS

### (پهرئين درجي لاءِ)


پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ (USAID-Pakistan Reading Project) يُو ايس ايڊ (USAID) جي مالي سهڪار سان عمل ۾ ايندڙ پنج ساله پروگرام آهي. جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ صوبائي ۽ علائقائي تعليم کاتي جي تعاون سان شروعاتي دَرجن جي شاگردن ۾ 'پڙهڻ' جي صلاحيتن ۾ بهتري آڻڻ آهي. ان سلسلي ۾ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ پهرئين دَرجي جي شاگردن ۾ سنڌي پڙهڻ جي مهارتن کي وڌائڻ لاءِ هي تدريسي مواد تيار ڪيو آهي.

بِگ بُڪس انهيءَ تدريسي مواد جو اهم حصو آهن. هي ڪتاب استاد، شاگردن آڏو 'وڏي آواز ۾ پڙهڻ' واري طريقي مطابق پڙهندا. 24 هفتن لاءِ 24 بِگ بُڪس لکيا ويا آهن، هر هفتي هڪ بِگ بُڪ پڙهايو ويندو. هر بِگ بُڪ جي پٺيان استادن لاءِ اُن هفتي جي پڙهڻ جي مهارتن لاءِ سرگرميون ڏنيون ويون آهن. وڏي آواز سان پڙهڻ دوران ان ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي ته شاگردن کي مڪمل ڪهاڻي پڙهي ٻڌائجي. بِگ بُڪس جون هي ڪهاڻيون لکڻ دؤران ڪيترن ئي اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. مثال طور، مخصوص موضوعن جي چونڊ، شاگردن جي عمر ۽ ذهني سطح، مناسب لفظن جو ذخيرو، سادو اسلوب ۽ شاگردن جي دلچسپيءَ جي عنصر کي قائم رکڻ لاءِ واضح ۽ وڻندڙ تصويرون وغيره.

هن ڪاوش جي نتيجي ۾ استاد، شاگردن جي 'پڙهڻ' جي مهارتن: ڇَپيل تصوُر، صوتي ڄاڻ، صوتيات، لفظن جو ذخيرو، رواني ۽ تفهيم جي صلاحيتن ۾ واڌارو آڻي سگهندا. هي بِگ بُڪس، اسڪول لائبريري جو حصو بڻجندا ته جيئن ايندڙ شاگرد پڻ هنن ڪتابن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن ۽ ٻولي سکڻ ۽ پڙهڻ ۾ دلچسپيءَ جو هِي سلسلو جاري رهي.

اسان کي اميد آهي ته پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي هيءَ ڪاوش سنڌ جي پرائمري اسڪولن ۾ پڙهڻ جي معيار کي بهتر کان بهتر بڻائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي. پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ ۾ هيٺ ڏنل تعليمي ۽ تدريسي مواد شامل آهي:

- ٽي آءِ جي ماڊيولز
- سبقي منصوبا
- فليش ڪارڊز
- ويڊيوز
- ورڪ بُڪ
- بِگ بُڪس
- سُر (Vowel) آوازن جا چارٽ



تدريسي مواد جي تياريءَ دؤران هن کي هر قسم جي غلطيءَ کان آجو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي به استعمال دؤران جيڪڏهن ڪا ڪَمي نظر اچي ته ان بابت مهرباني ڪري ٺُرت پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي صوبائي/ ضلعي آفيس کي ڄاڻ ڏني وڃي. ان سهڪار جي لاءِ اسان اوهان جا ٿورائتا رهنداسين.

# اُستادن جي لاءِ هدايتون

## پهريون ڏينهن (اڳڪٿي، اڳوڻي معلومات ۽ ڳالهه ٻولهه)

**پڙهڻ کان پهريان:**

شاگردن کي نظم جو ٽائيٽل ڏيکاري پڇو ته:

» توهان جي خيال ۾ اڄ ڪهڙو نظم پڙهنداسين؟
» تصوير ۾ ڇا نظر اچي رهيو آهي؟

**پڙهڻ دؤران**

» نظم پڙهڻ دؤران ٻارن کان پروليون پُڇو پوءِ جواب ٻُڌايو.
» اسان کي ڪپڙا ڪير سبي ڏيندو آهي؟
» هن نظم ۾ ڪهڙن ڪهڙن پورهتن جوذڪر آهي؟

**پڙهڻ کان پوءِ**

» حجم ڇا ڪندو آهي؟
» زخمي ڳاڏين کي ڪير ٺيڪ ڪندو آهي؟
» اسان جي گهر جو فرنيچر ڪير ٺاهيندو آهي؟

## ٻيو ڏينهن (آوازن جي مشق)

**پڙهڻ کان پهريان:**

» شاگردن کان پڇو ته اڄ توهان ڪهڙو اکر/آواز سکيو آهي؟ (جواب: /پ/)
آوازن جي چارٽ مان ٻڌايو.
» توهان آواز /پ/ سان شروع ٿيندڙ ڪجهه لفظ ٻڌايو. (پرت، پلو، پاتي، پرسان)

**پڙهڻ دؤران**

» صفحو نمبر 2 ۾ ڏنل جملو 'پلو ڪاريگر آهيان مان' پڙهو ۽ شاگردن کان پڇو ته هن جملي ۾ اهڙو لفظ ٻڌائين جيڪي اکر/آواز /پ/ سان شروع ٿيندڙ هجن. (جواب: پلو)
» لفظ 'پلو' کي تاڙي وڄرائي پدن ۾ پڙهايو. (پلو /پ/،/لو/)
» لفظ 'پلو' ۾ گهٽا پد/آواز آهن؟ (جواب: ٻه)

## ٽيون ڏينهن (لفظن جو ذخيرو، سنڌي ۽ ٻي ڪا مادري زبان)

**پڙهڻ کان پهريان:**

(ٿي سگهي ٿو ته توهان جي ڪلاس ۾ ڪجهه اهڙا ٻار موجود هجن جن جي مادري ٻولي سنڌي نه هجي، ان صورت ۾ هي سوال توهان انهن ٻارن کان پڇندؤ).

» شاگردن کي نظم جي ٽائيٽل تي 'مختلف ڌنڌا' ڏيکاري پڇو ته توهان جي ٻوليءَ ۾ انهن ڌنڌن کي ڇا چوندا آهن؟

**پڙهڻ دؤران**

» صفحي نمبر 2 تي جملو 'وڪريل سارو آسامان' کي تاثرات سان ادا ڪري انهن جي ٻولي ۾ ورجائڻ لاءِ چئو.
» صفحو نمبر 7 تي 'مالهڻ' جي تصوير ڏيکاري شاگردن کان پڇو ته توهان جي ٻوليءَ ۾ مالهيءَ يا مالهڻ کي ڇا چوندا آهن؟

## چوٿون ڏينهن (ڇَپيَل تَصور)

**پڙهڻ کان پهريان:**

» ٻارن کي ڪتاب جو اڳيون ۽ پويون حصو ڏيکاريو، نظم جي عنوان طرف اشارو ڪري ان جو نالو پڙهو ڳڏوڳڏ ليکڪ ۽ مصور جا نالا پڙهي ٻڌايو.

**پڙهڻ دؤران**

» نظم کولي پڇو ڪٿان کان پڙهڻ شروع ڪنداسين؟
» پهرئين سِٽ ختم ڪرڻ کان پوءِ سوال ڪيو ته هاڻي اسان کي ڪهڙي سِٽ پڙهڻ گهرجي؟

**پڙهڻ کان پوءِ**

» نظم جو ڪو به صفحو کولي پڇو ته صفحو نمبر ڪٿي لکيل آهي؟
» ان صفحيءَ جو آخري لفظ ڪهڙو/ڪٿي آهي؟

## پنجون ڏينهن (لفظن جو ذخيرو، پهاڪا ۽ اصطلاح)

**پڙهڻ دؤران**

» صفحي نمبر 3 ۾ جملو 'پورهئي ۾ ساٿياڻي آهيان' پڙهو ۽ معنيٰ ٻڌايو 'ڪم ڪار' پوءِ مثال ڏيو. (پورهيو ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
» صفحي نمبر 6 ۾ جملو 'ها پر ان ۾ غور گهڻو آ' پڙهو ۽ معنيٰ ٻڌايو 'ڌيان' پوءِ مثال ڏيو. (سنيون ڳالهيون غور سان ٻڌجن) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
» صفحي نمبر 5 ۾ 'ڪِرت' کي جملن ۾ استعمال ڪرايو.
» صفحي نمبر 8 ۾ 'سنواريان' کي جملن ۾ استعمال ڪرايو.

## ڇهون ڏينهن (ڳالهه ٻولهه، ڪهاڻيءَ جو ذاتي زندگيءَ سان ڳانڍاپو)

**پڙهڻ کان پهريان:**

» رليءَ ۾ ڪهڙا رنگ هوندا آهن؟
» توهان جي گهر ۾ ڪو هنرمند آهي ۽ هو ڪهڙو ڪم ڪندو / ڪندي آهي؟

**پڙهڻ دؤران**

» جيڪڏهن هاري نه هجن ته ڇا ٿئي؟
» سوچي ٻُڌايو ته اسان جي ڪلاس ۾ واڍي جون ٺهيل ڪهڙيون شيون موجود آهن؟

**پڙهڻ کان پوءِ**

» جيڪڏهن اسان وار نه ڪٽرايون ته ڪيئن لڳنداسين؟
» توهان کي موقعو ملي ته ڪهڙي پورهيت کي گهر مهمان ڪندا ۽ ڇو؟
» جيڪڏهن توهان واڍا هجو ته توهان ڪاٺ مان ڪهڙيون شيون ٺاهيندؤ ۽ ڇو؟

www.pakreading.org

This publication is made possible by the support of the American people through the United States Agency for International Development (USAID). It is produced by the USAID-funded Pakistan Reading Project in collaboration with the provincial/regional government. The contents are the sole responsibility of the project and do not necessarily reflect the views of USAID or the United States Government.

هن اشاعت جي فراهمي آمريڪي عوام جي سهڪار سان بين الاقوامي ترقيءَ جي آمريڪي اداري طرفان ڪئي وئي آهي. هي دستاويز يو ايس ايڊ-پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ، صوبائي/ علائقائي حڪومتن جي تعاون ۽ پائيواري سان تيار ڪيو آهي. هن اشاعت جي مڪمل ذميواري پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي آهي ۽ ضروري نه آهي ته هي يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت جي نظريي جي عڪاسي ڪندي هجي.